ڊاڪٽر الهه وسايو سومرو

# اياز گل جي شاعريءَ جون فڪري خوبيون

***Abstract***

**Thaught of the Poetry of Ayaz Gul**

*Ayaz Gul is the well-known poet of modern Sindhi poetry. He has written of poetry books. He is famous for his Sindhi Ghazal, while he has written, Sindhi Waaee, Geet, Nazam, Trio let, Haiko, Tank and also Sindhi Bait. Most of his poetry has been sung and it also has become famous all over the Sindh. He has got many awards for his poetry collection. He is teacher by professional, Shah Abdul Latif University Khairpur, Sindh, Pakistan. He has also written many research articles and participated and presented his paper in many national and international conferences. In this paper his poetry will be analyzed to know about his poetry topics, thoughts, melody and art.*

سنڌي ادب جي تاريخ جومطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي ادب ۾، نثر جي ڀيٽ ۾ شاعريءَ تي گھڻو ڪم ٿيو آهي. سنڌي ادب جو هر دور شاعريءَ سان مالامال ۽ زرخيز نظر اچي ٿو. شاعريءَ جي آغاز جو ثبوت سومرن جي دور کان ملي ٿو. قديم دور ۾ اڳ ان جون شاهديون راءِ دور (632-495ع) ۽ برهمڻ دور (712-632ع) کان ملن ٿيون. برهمڻ دور ۾ هندو مذهب سان تعلق رکندڙ حڪمران هئا، جنهن وٽ سنڌن مذهبي ڪلام، ڀڄن- ڀڳت، ڏندڪٿائن ۽ ناٽڪ جي صورت ۾ ڳايو ويندو هو، جو نثر ۽ نظم جي شڪل ۾ هو. انهيءَ لحاظ کان ڏٺو وڃي ته "ادب به هڪ تاريخ آهي، جنهن مان ڪنهن ملڪ يا قومن جي وقت به وقت بدلجندڙ تمدن جون لڳ ڀڳ تصويرون ڏسي سگھجن ٿيون. ادب قومن جي عروج ۽ زوال جو آئينو ضرور آهي."[1]

سنڌي ادب ۾ نثر جو باقاعده آغاز انگريزن جي دورڪان (1843ع-1947ع) ملي ٿو. جنهن جي شروعات ترجمن سان ٿي

هئي. ائين ڪٿي چئجي ته سنڌي نثر شاعريءَ کان اٽڪل عمر ۾ ٽيرهن صديون ننڍو آهي. عالمي ادب ۾ به جيتري شُهرت سنڌي شاعريءَ کي ملي آهي، اوتري سنڌي نثر کي نه ملي سگهي آهي، شايد اِهو ئي سبب آهي ته سنڌي شاعري جو آغاز ٻار جي ڄمڻ سان ئي ٿي وڃي ٿو، جنهن لاءِ سنڌس ماءُ پينگهي ۾، گود يا جهولي ۾ ننڍڙ ڪرائيندي لوليون چئي سمهاري ٿي.

سنڌي شاعري هر دور ۾ سنڌي ادب جا نالي وارا شاعر پيدا ڪيا آهن. سنڌن شاعري پنهنجي پنهنجي دور جي ترجماني ڪري ٿي. موجوده دور ۾ جيڪڏهن سنڌي ادب جو جائزو وٺبو ته سنڌي ادب ۾ نثر نويسن جي ڀيٽ ۾ سنڌي شاعرن جو تعداد سَرس آهي. ائين چئجي ته سنڌ ڌرتيءَ جي اديبن کي شاعريءَ جي سُتي سندن ماءُ پينگهي ۾ ئي پياري ڇڏي آهي. سنڌي ادب جي موجوده دور ۾ شاعري ڪرڻ وارن جي فهرست تمام گهڻي ڏِگهي آهي، پر سڀني کي شُهرت نه ملي سگهي آهي، شُهرت جو واسطو ڪم جي معيار ۽ وقت يا دور جي ضرورت تي هوندو آهي. اهڙي شُهرت نصيب ٿيڻ وارن شاعرن ۾ اياز گل جو نالو به اچي وڃي ٿو.

اياز گل جو اصل نالو اياز علي، ذات جو ڏَل آهي، سندس جنم 06-03 1959ع تي رجب علي ڏَلُ جي گهر، سکر ۾ ٿيو. پرائمري اسڪول جي تعليم سکر مان حاصل ڪيائون، ۽ مئٽرڪ جي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول سکر مان 1974ع ۾ حاصل ڪيائون، گورنمينٽ اسلاميا آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج مان 1978ع ۾ گريجوئيشن ۽ 1980ع ۾ ماسٽرز ڪيائون. ملازمت جو آغاز 1985ع ۾ بئنڪ ۾ نوڪري سان ڪيائون. جلد ئي ان نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏنائون، 1987ع ۾سنڌي ادب ۾ ماسٽرز ڪرڻ بعد سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج عمرڪوٽ ۾ سنڌيءَ جا ليڪچرار مقرر ٿيا. شاھ عبداللطيف يونورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ 1990ع ۾ بحيثيت ليڪچرار مقرر ٿيا ۽ هن وقت ساڳئي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ۽ انچارج چيئرمين طور پنهنجا فرائض سرنجام ڏئي رهيا

آهن.

ايازگل ننڍي عمر کان شاعري شروع ڪئي هئي ۽ هن وقت تائين سندس شاعري جا ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چُڪا آهن، جنهن ۾ (1) ”سوچون سُرهاگل“ 1978ع، (2) ”گلۦ تارا“ 1979ع، (3) ”پيلا گل پلاند ۾“ 1980ع، (4) ”ڏينهن ڏئي جا سپنا“ 1986ع، (5) ”تو ٻن کهڙا چانورا“ 1992ع، (6) ”دک جي نه پڄاڻي آ“ 1997ع، ۽ (7) ”ميلي جي تنهائي“ 2012ع.

مٿين سڀني ڪتابن تي ڪيس هيٺيان بالترتيب ايوارڊ، ميڊل ۽ انعام مليل آهن: 1- سنڌالاجي طرفان انعام، 2- ينگ رائٽرس گلڊ طرفان انعام، 3- سنڌ گريجوئيٽس طرفان گولڊ ميڊل، 4- سنڌي ادبي سنگت طرفان استاد بخاري ايوارڊ، 5- پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، 6- شاهه لطيف همراه ايوارڊ، 7- سنڌي لئنگئيج اٿارٽي طرفان ايورڊ. هن کان علاوه ايازگل جا ٻيا به ڪجهه ڪتاب لکيل ۽ ترتيب ڏنل آهن. جنهن جو وچور هن طرح آهي:

1: انگن واري دنيا ساري (ٻارن لاۓ گيتن ۽ نظمن جي چونڊ) ترتيب

2: زنگ لڳل زندگي (ڪهاڻين ۽ نثري لکڻين جي چونڊ)اڻ ڇپيل

3: سکر جون يادگيريون (تحقيق ۽ ترتيب):2001ع.

4: پوان شل قبول (ترتيب) 2005ع .

5: روشن آ سانجهي (تنوير عباسي جي شاعري جي چونڊ ۽ ترتيب) 2008ع.

6: **Mysticism, Sindh and Sachal Sarmast 2011 ((compilation**

ايازگل کي هن وقت تائين مختلف ادارن طرفان سندس مجتا ۽ ادبي خدمتن عيوض گهڻا ئي ايوارڊز، شيلڊس ملي چڪا آهن. جنهن جو تعداد 50 کن آهي. ايازگل مختلف تحقيقي جرنلس جهڙوڪ ”آشڪار“ ، ”پٽائي“ ، وغيره، جو ايڊيٽر/سب ايڊٽر/ميمبر ايڊيٽوريل بورڊ به رهي چڪو آهي.

ايازگل پنهنجي شاعريۦ جو آغاز ڪندي، پهريون شعر

1971ع ۾ لکيو، جڏهن هو ستين ڪلاس جو شاگرد هو. هن جو پهريون شعر 1973ع ۾ ماهوار ”اديون“، ڪراچي ۾ ڇپيو هو. ايازگل 38 مختلف علمي ادبي تنظيمن جو ميمبر، سيڪريٽري جنرل به رهي چڪو آهي، هن کان علاوه ايازگل 800 کان مٿي ملڪي، توڙي غيرملڪي ادبي/علمي ڪانفرنسن، سيمينارن ۽ گڏجاڻين ۾ صدر، خاص مهمان، ميزبان ۽ شاعر طور شرڪت ڪئي آهي. ايازگل جي شخصيت ۽ شاعري تي تحقيقي مقالا/مونوگراف لکيا ويا آهن. 1993ع ۾ سنڌي شعبي، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور سنڌ ۾”ايازگل جي غزل جو اڀياس“ جي عنوان تي ايم-اي (سنڌي ادب) مونوگراف لکيو ويو. 2008ع ۾ سنڌي شعبي، سنڌ يونورسٽي ڄام شورو ۾” ايازگل غزل جونمائندو شاعر“ جي عنوان تي ايم-اي (سنڌي ادب) لاءِ مونوگراف لکيو ويو. ان کان علاوه پاڻ سنڌي ادبي سنگت جا سرگرم ميمبر به رهندا پيا اچن. 97- 1996ع۾ پاڻ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جا مرڪزي جنرل سيڪريٽري به رهيا آهن. سنڌ توڙي هند ۾ سنڌي ادب جي محفلن ۾ رونق افروز ٿيندا رهن ٿا. سنڌي ادبي سنگت جي فورم تان پاڻ ڪيترن ئي نوجوان سنڌي شاعرن جي شاعري ۾ رهنمائي ۾ مصروف عمل رهن ٿا. سنڌي ادب ۾” ايازگل جو شمارسنڌي ترقي پسند اديبن ۾ ٿئي ٿو.“[2] ايازگل جي شاعري غزل، وائي، نظم، بيت، گيت، ۽ ترائيل جي صنفن ۾ ملي ٿي، پر سندس غزل کي وڏي مثالي مڃتا ملي آهي. ڪيس نئين ٿهي جي غزل جو نمائندو شاعر لکيو وڃي ٿو.

شاعريءَ ۾ لفظن جي ٽڪبندي کي نه پر فڪر ۽ خيالن کي اهيت حاصل هوندي آهي. ايازگل وٽ انمول ۽ حساس خيالن جي خوبصوتي موجود آهي. زيب سنڌي لکي ٿو ته: ”ايازگل جو شمار پنهنجي ٿهي جي انهن چند شاعرن ۾ ٿئي ٿو، جيڪي لهجي توڙي ٻولي جي لحاظ کان پنهنجي هڪ منفرد سڃاڻپ رکن ٿا. اياز خوبصورت تشبيهن، اثرائتن استعارن، نازڪ خيالن ۽ سادي وڻندڙ ٻولي جو شاعر آهي.“[3] ايازگل جو اڻٽ ويهڻ سنڌ جي ناليوارن شاعرن سان رهيو آهي، جنهن ڪري سندس شاعريءَ ۾ به

مٿاهان خيال، اثر سمايل ملن ٿا. پاڻ هڪ انٽرويو ۾ اظهار ڪيو اٿن ته هو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کان گهڻو متاثر آهي ۽ تنهن بعد تنويرعباسي ۽ شيخ اياز کان. هڪ هنڌ تنويرعباسي کان متاثر هئڻ جو هيئن ذڪر ڪريٿو.

ڪيڏو جيءُ جنجهوڙن ٿا،
تنهنجا گيت غزل ، تنوير!

ڪنهن به شاعر جي شاعريءَ ۾ جڏهن تشبيهون ملن ٿيون ته ڇڻ شاعري پنهنجو زيور ڍڪي ٿي ۽ سينگارِ ڪري ٿي ۽ ائين خوبصورت مورتي بڻجي سامعين/قارئين جي آڏو اچي موهت جو سبب بنجي ٿي.ايازگل جي شاعريءَ ۾ تشبيهون گهٽي کان گهڻو ملن ٿيون، جيڪي پنهنجي ضرورت آهر ۽ موضوع پٽاندر استعمال ڪيل آهن.

تو وٽ هاٿي جوڻن پيارا،
اعزازي مهمان جيان آ !-
پيٽ ٻڪئي لئه هڪڙي ماني،
سرڳ جيان، پڳوان جيان آ![4]

جڏهن ڏکن جي پُڄاڻي جي ڪا به خبر نه هجي ته ڪڏهن ختم ٿيندا، پريشاني پنهنجا پيرا ڇڏڻ جي وائي نه واري، مصيبتن مٿان مصيبتن جو سلسلو جاري هجي. اهڙي ڏکئي حالت ۽ ويل ۾ پراوا ته پراوا ئي سهي پر پنهنجا به پاسيرا ٿي ويندا آهن. ڪو به اهڙي ويل سار لهڻ وارو نه هجي، هڪ زندگي جو سڳو سو به انتهائي سست رفتاري سان ساهه جي هر دَم ڪٽڻ ۽ ڪرڻ ۾ سوڙهو محسوس ٿيڻ لڳي ٿو. تنهن ويلي ايازگل جو ڏس ئي سُورن ڪي گهٽائڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿو. ايازگل پنهنجي ڪلام ذريعي ڏکن ۾ پنهنجي ڌرتي واسين لاءِ تدارڪ ڳولي ٿو:

ڇا دوائن سان جياريون جندڙي،
تنهنجي نيڻن سان جيارڻ ٺيڪ آ.
لڳي جهان جا منظر مُئا پيا آهن،

کٿو نگاهه ته هر چيز زندگي
ماٺي.[5]

غزل:

غزل علم عروض تي ٻڌل شاعريءَ جي هڪ صنف آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي،”عشق وصال، فراق، حسن وجمال بابت تنظيم، عشقيه شعر“[6] غزل ۾ معشوق جي قصيدي ۾ ممدوح جي دريا دلي و سخاوت محبوب جو حسن و جمال، نازو انداز، مختلف اوصاف جيڪي محبوب جي شخصيت کي نروار ۽ پرڪشش ڪرڻ وارا هوندا آهن، سي بيان ڪيا ويندا آهن. شيخ محمد ابراهيم خليل مطابق ”غزل جي لغوي معنيٰ آهي زالن سان گفتگو ڪرڻ يا زالن جو ذڪر ڪرڻ ۽ شراب وشباب جي حديث بيان ڪرڻ.“[7] معنيٰ اهڙي گفتگو يا ڳالهه جيڪا نثر ۾ بيان نه ڪري سگهجي. ۽ هن جي ذريعي مرد پنهنجي خواهش، يا جذبن جو اظهار پنهنجي زال يا عورت سان هڪ مخصوص انداز ۾ نظم ۾ بيان ڪري ٿو.

غزل جو آغاز عرب کان ٿيو ۽ ان کان پوءِ عجم کان ٿيندو هندستان ۾ وارد ٿيو . ان وقت هندستان جي شاعري ڏوهيڙن ۾ ڪئي ويندي آهي، فارسي شاعري جي اثر هيٺ ڏوهيڙين،غزل جي صورت اختيار ڪئي، اسان جي سنڌي شاعريءَ تي غزل پنهنجو اثر ڇڏيو آهي. جنهن جي ثبوت ۾ هيءُ ڪافي آهي ته گهڻن اوائلي يا آڳاٽن سنڌي شاعرن جا ڪلام فارسيءَ ۾ به ملن ٿا. ظفر عباسي غزل جي صنف جي شروعات ايران کان بيان ٿو ڪري هولڪي ٿو ته: ” عشقيه/رومانوي شاعريءَ جي هيءَ صنف ايراني شاعريءَ ۾ پيدا ٿي، جنهن جو خالق ايراني شاعر ”رودڪي هو“، ان کان اڳ ايران ۾ رڳو قصيده گوئي جو رواج هو ۽ رومانوي شاعريءَ کي به قصيدي ۾ ئي جڳهه ڏني ويندي هئي.“[8]

غزل کي اوج تي پهچائڻ وارن فارسي شاعرن ۾ ”دقيقي“، ” سنائي“، ” عراقي“، ”سعدي“، ”خسروءَ“ ۽ ” حافظ“ جا نالا اچي وڃن ٿا. سنڌيءَ ۾ غزل جا اوائلي اهڃاڻ ٽڪڙ جي شاعرن ميان ڇتن، نورمحمد خسته ۽ حافظ عاليءَ جي ڪلام

۾ ملن ٿا. اڳتي هلي سچل، خليفو گل محمد، گدا، ميرسانگي، قليچ ۽ ٻين هتي جي ذرخيز زمين غزل کي مهيا ڪري ڏني. تنهن بعد هتان جي ڪيترن ئي نالي وارن شاعرن غزل سان نڀايو. اهڙن شاعرن جو سلسلو هلندو پيو اچي ۽ ايازگل ساڳئي سلسلي جي غزل جو هڪ اهم شاعر آهي. غزل جي ابتدائي سٽن کي مطلع چئبو آهي، جڏهن ته آخري سٽن کي مقطع سڏيو وڃي ٿو. جنهن ۾ اڪثر ڪري شاعر پنهنجو نالو/تخلص استعمال ڪندا آهن.

اهڙي طرح سنڌ جي وڏن غزل گو شاعرن ۾ ايازگل جو پڻ شمار ٿئي ٿو. سنڌي غزل ئي ايازگل جي خاص سڃاڻپ آهي. سندس غزل رومانس ۽ جماليات سان ڀرپور نظر اچن ٿا. تشبيهن، ۽ استعارن جو استعمال گهٽو ڪري ٿو. جنهن ڪري ايازگل جو غزل خوبصورت زيور پهريل پرڪشش، سينگارجي سنوارجي رقص ڪندڙ محسوس ٿئي ٿو. جڻ ته بلندين جي حَدُن کي ڇُهي رهيو هجي. لفظن جي سادگي ۽ انمول تخيل ويتر سون تي سُهاڳي جو ڪم ڏين ٿا.

جڏهن به ٽڪجڻ لڳندي آهي
تنهائي،
لفظ، قلم ۽ ڪاڳر جاڳي پوندا
هن.
هوندئن ته پنهنجي پاڻ ۾ پُورا
هوندا هِن،
ديس ڏُکيو ٿي ، شاعرَ جاڳي
پوندا هِن.[9]

شاعري لاءِ ته شاعر وٽ ڪوڙ سارا موضوع ۽ موقعا هوندا آهن، پر ان شاعري کي زياده زندگي ملندي آهي جيڪا، موقع مهل ۽ وقت جي ضرورت کي ڏسي ڪئي وئي هجي، اهائي شاعري عوام جي دلين تي راڄ ڪري ٿي، هر ماڻهوءَ جي لَب تي سندس وِرد جاري هوندو آهي ۽ کيس ائين محسوس ٿيندو آهي

جو جڻ شاعر اھا شاعري جيڪا سندس دل ۽ دماغ مان گذري لبن چپن تي ترنم مان ڳائجي ٿي، سا جڻ ته سندس لاءِ ئي ڪئي ويئي ھجي، ھا ھڪ وڏي شاعر ھئڻ جي خوبين مان ھڪ اھم خوبي آھي. ايازگل وٽ اھڙي قسم جي شاعري ۾خاص ڪري غزل گھڻي تعداد ۾ موجود آھن، جنھن ڪي سنڌ جي مختلف مشھور ۽ ناليوارن راڳين ڳايو آھن.

مَن ۾ ڪو مھمانُ ، ضروري آ
پيارا،
دَردن جو دَرمان ضروري آ پيارا،
دل روئي پر مرڪ چَپن تي رکٽي
آ،
دُشمن تي دَھمانُ ، ضروري آ
پيارا!
دَرد، دلاسا، اُلڪا ، آسون سانڍڻ
لئه،
دِل جھڙو گُلدان ، ضروري آ
پيارا![10]

اياز جي غزلن ۾ رومانس جي موضوع ۾ گھٽا غزل ملن ٿا، پر ان ڪان علاوہ سندس غزل ۾ وڇوڙي، سڪ سُونھن، محبوب جي محبت ۾ گُم ٿي وڃڻ جا به موضوع اڇيو جن ٿا. سندس ھر غزل، پنھنجو مُنفرد منظر پيش ڪري ٿو. سندس غزل ۾ محبوب جي محبت ۾ ھُو پنھنجو وجود وڃائي ٿو ڇڏي، دنيا جي لذتن ته سھي پر ھُو مُوسمن ڪان به بي خبر ٿيو وڃي، سندس پيار ھڪ عام نيم تاريخي رومانوي داستان وانگر جڳ مشھور ٿي وڃي ٿو ۽ آمر بڻجي پوي ٿو.

ڪيڏا ناڪام ٿي ويا آھيون،
صبح مان شام ٿي ويا
آھيون.

تنهنجي دل تان لهي اسان
سائين !
هاڻي گُمنام ٿي ويا آهيون.
تون، مان مُرڪي مليا
هئاسي بس،
مُفت بدنام ٿي ويا آهيون.
سُونهن ، سچَ ۽ سڳنڌ جا
جَڳ ۾،
پاڻ پيغام ٿي ويا آهيون.[11]

ايازگل جي غزل ۾ حُب الوطني جو عنصر به ملي ٿو. ڪنهن به شاعر جي سندس ڌرتي سان لاڳاپيل شاعريءَ تي ڪيس پنهنجي عوام ۾ مقبول بڻائي ٿي، ۽ اڳتي هلي ڪري ڪيس ساڳي ئي شاعري ان کي قومي شاعر جو درجو ڏياري ٿي. ايازگل جي غزل ۾ جتي پيار محبت ۽ محبوب سان ڳالهين جو ذڪر ملي ٿو، اتي سندس پيار پنهنجي اباڻي ديس سان، ڇُلڪندي نظر اچي ٿو.

اهڙو ڪهڙو ڏوهه آ، سنڌي
هُجڻ؟
سنڌُ تي ڏيڻي پَوي تاوان ۾
![12]

هڪ ٻئي هنڌ هن طرح چوي ٿو:

سَڌُ ٿيندو ته، ساهه تنهنجو
آ،
سنڌ تو سان اِهي وچن
پنهنجا[13]

سنڌي ٻوليءَ جي قديم هئڻ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته:

تاريخن ۾ کُتو پيو آ،
جهنڊو مُنهنجي ٻوليءَ
جو[14]

ڌرتي سان محبت جو اظهار هن طرح ڪري ٿو:

مُنهنجي ڌرتي ڪڏهن هيڪلي
نه ٿئي،
پَلي ته هِيٽا سهي ، پر سهارا
هجن.[15]

جيڪو پنهنجي ڌرتي ماءُ جو ڪنهن لالچ يا انعام جي آسري تي سودو ڪرڻ چاهي ٿو، تنهن کي ايازگل ڪونه ٿو پسند ڪري. اهڙي ڪڌي ڪم ڪرڻ کان ڪيس نندي ٿو، ۽ چوي ٿو ته هِن کان بهتر ٿيندو ته هو پاڻ ختم ٿي وڃي، پر سنڌ/ڌرتي ماءُ جو نانءُ نه کڻي:

سنڌ جو ڪرين ٿو سودو،
تنهن کان ته خود ڪشي
ڪر![16]

ايازگل جي ڌرتي سج ۽ چنڊ وانگر لازوال آهي، ڪيس پنهنجي خاص سُڃاڻ آهي. پنهنجي سيني تي سُمهڻ ۽ رهڻ وارن تي مهربان ۽ سڀني سان هڪڙي رَوش رکي ٿي، سج جي روشني عام توڙي خاص، غريب توڙي امير مطلب ته سڀني لاءِ يڪسان مُفيد آهي:

سنڌڙي سورج آهي جنهن
کي،
سوَسوَ گهور آنڌيرا ڳولن.[17]

سنڌ جي سڏ تي لبيڪ چئي اُٿي پوي ٿو:

تنهنجي سڏ ۾ سڏ ڏيندس،
ڌرتي! مون کي ڌار نه ڄاڻ.

وائي:

وائي سنڌي شاعريءَ جي پنهنجي ڪلاسيڪل صنف آهي، شاعريءَ جي هن صنف کي اوج بخشيندڙ شاعر ڀٽ جو گهوٽ حضرت شاهه عبداللطيفؒ آهي. وائي جي لغوي معنيٰ آهي: ”سَنڌَن جو سور، ذڪر آواز ڳالهه، پهاڪو، وارتا، تقرير.“[18]

وائي لفظ جي معنيٰ جي باري ۾ جيڪي ڪي ٻيون

روايتون ملن ٿيون. انهن مطابق ظفرعباسي لکي ٿو ته: ”اهو هندي لفظ واٽي يا ٻاٽي مان نڪتل آهي، يا پراڪرت لفظ ”وايا“ يا سنسڪرت جي لفظ ”ورت“ يا عربي لفظ ”واءِ“ مان ورتو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”ڳالهه ٻولهه.“[19]

بناوت جي لحاظ کان وائي هيڪوٽي، ڏيڍوٽي ۽ ٻيٽي پڻ ٿيندي آهي، جنهن جو وزن چند وديا تي رکيل هوندو آهي. وائيءَ جي پهرين بند کي ”ٿلهه“ چئبو آهي ۽ باقي مصرعون الڳ ٿين ٿيون، جنهن جو قافيو آخر ۾ اچي ٿو. عبدالستار پيرزادو، پروفيسر بولچند ڪلياڻ آڏواڻي کان وائي جي باري ۾ نقل ڪري ٿوته: ”وائي درد جي دانهن آهي، وائي آهي عاشق کي صحت جو سڏ، وائيءَ جي معنيٰ وارتا، يعني عشق جي اگهائيءَ جي وارتا. پارسي ۾ ”واي“ جو مطلب آهي ”هاءِ“، وائي عاشق جي اندر جي واويلا آهي. وائيءَ جو مطلب آهي ”اندر جو آلاپ“.[20]

تاريخ تي نظر ڪجي ته سنڌي شاعريءَ جي صنف ۾ وائي نج سنڌي صنف آهي. جيڪا ڪلاسيڪي دور کان هلندي پئي اچي. نئين ٿهي جي شاعرن وائي کي نوان رنگ بخشيا آهن. ايازگل وٽ غزل وانگر هن جي واين ۾ فني رچاءُ موجود آهي. سندس وايون، غزلن جي ڀيٽ ۾ تعداد ۾ ته گهٽ ضرور آهن، پر فني لحاظ سان معيار ڪٿي ڪٿي ته غزلن جي معيار کان مٿي ملي ٿو. هن جي غزل وانگر وائي ۾ پڻ عام زندگيءَ جا عڪس پريل نظر اچن ٿا.

تو کان ٿيندي ڏار، ڪلندي ڪلندي يار،
لُڙڪ لڙي پيا لار ڪري،
تُنهنجي پويان ڪير اسان جي،
سُپرين لهندو سار!
پاڻيءَ تي جَڻ ليڪا ها،
تنهنجا قول قرار![21]

ايازگل جي واين ۾ همت سان طوفانن ۾ جوت جلائڻ جهڙا ڪوڙ سارا موضوع ملن ٿا، جيڪي عزم سان اڳتي وڌڻ جو ڏس ڏين ٿا. هو عام انسان ته نهيو پر پڪين کي به سندن روشن راهون ڏيکاري ٿو. اونداهي ۾ روشني پيدا ڪرڻ جو مُتلاشي آهي. پرينءَ جي آمد سندس وک وک تي ڏيئا ٻاري پُر جوش نموني استقبال

ڪري ٿو. سندس هيئئين وائي جا ڪجھ بند هن طرح ساڳئي عنوان ۾ ڏنل آهن:

ڳُڱھه جي گهيرن ۾- گهور انڌيرن ۾،
ڏيئا
ٻاريان ٿو!
ڀَنچي راھ نه پُلجن جيئن، مان آکيرن
۾،
ڏيئا
ٻاريان ٿو!
مان ڏياريءَ جي ڏينهن تي، پرينءَ-
پيرن ۾،

ڏيئا ٻاريان ٿو ![22]

روزن پنيان عيد اچي ٿي ۽ ڏُکن پُٺيان سُک اچن ٿا. اهڙي طرح هو آسن ۽ اميدن ۾ رهڻ بعد سندن تڪميل لاءِ اظهار ڪري ٿو. جذبن کي عملي صورت ۾ ڏسڻ چاهي ٿو. ماضي کي ياد ڪري مونجهو ٿئي ٿو. زندگي ٿوري آهي ۽ جذهن ته وقت اڻ کُٽ آهي، سپ ڏک ڏسي ٿو ۽ برداشت ڪري ٿو:

سپنا!! ساپيا ماڻ، هيل ته
خوشيون آڻ،
ڏاڍا
ڏُکَ مِليا هِن!
يادُن آندي پاڻ سان، اکڙين ۾
آلاڻ،
ڏاڍا
ڏُکن مليا هِن!
جندڙي جهُوني ناوَ آ، وقت جيئن
مهراڻ،
ڏاڍا ڏُک
مليا هِن![23]

ايازگل جي واين ۾، غزلن وانگر محبت جون، وصال جون ۽

ٽڪ لهڻ جون ڳالهيون ملن ٿيون. جيئن ته شاعر هوندوئي محبتن جو امين ۽ سَفير آهي، بظاهر هو پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ انهن لذتن ۽ عيش کا پري ڇو نه هجي، پر عوام جي اُمنگن ۽ آسن کي، جذبن ۽ خواهشن کي پنهنجو سمجهي، تخيل جي بُلندين تي پهچائي ٿو ڇڏي. ايازگل جي هَر وائي اهڙن ڪُومل ۽ نرمل جذبن سان پُر ترنم ۽ جهونگارڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ وَسان ڪين ٿي گهٽائي. گهڻو ڪري اِهو ئي سبب آهي، جو سندس ساڳي ساڳي وائي کي ڪيترن راڳين پنهنجي پنهنجي آوازن ۾ موسيقيءَ جي مالها ۾ پوئي ڇڏيو آهي.

تو تائين پُهتا، منهنجي نيڻن جا،
سارا
ٽڪ لهي ويا!
تنهنجو نانءُ لکي ڏنم ، مُنهنجي
هٿن جا،
سارا
ٽڪ لهي ويا!
تون جي آئين شهر ۾، سيئي رستن
جا،
سارا
ٽڪ لهي ويا!
ساڀيائن جي ديس ۾، ساڻن سپنن
جا،
سارا
ٽڪ لهي ويا![24]

ايازگل وٽ رومانويت سان گڏوگڏ سندس واين ۾ ڌرتي واسين جو به ذڪر گهڻو ملي ٿو. جنهن ۾ هن پنهنجي ڌرتي ۽ ديس واسين سان محبت ۽ سڪ جا آثار چٽيا آهن. سندس ڇيل اها وائي مقبول ٿي وجي ٿي، جنهن ۾ ماروئڙن ۽ سانگيئڙن جو احوال آندو ويو آهي.

سانگيئڙن کي سارِ، ڌاريا کهڙا
دوست ڙي!!

آيل پنهنجي آن تان، ڪُڙمي! ڪانگ
اُڏار،

ڏارياڪهڙادوست ڙي!!
ريتي رت جو ريج ڏئي، سونو سچ
اُپار،
ڏاريا
ڪهڙا دوست ڙي!!
ڏُکن سُکن سان پرين! گڏجي
سڏجي گهار،
ڏاريا
ڪهڙا دوست ڙي!![25]

هڪ ٻئي هنڌ ايازگل پنهنجي سنڌ ڌرتي سان محبت جو اظهار ڪري ٿو، جنهن ۾ هو پنهنجي ڌرتي ماءُ مٿان ڪلندي ڪلندي سِرَ ڏيئي سَرهو ٿيڻ چاهي ٿو. هو سنڌ کي جنت ٿو ڀانئي، جنهن جو مثال، ٻي مثال آهي.

گڏجي سڏجي، گيت هي ڳايون،
سنڌُ جهڙي ڪائي ، ٻه جنت نه ڀانيون،
وَر وَر، هر هر، سَوَ سرَ جي ملن،
هوند گهوريان، سڀ گهوريان، سڀ گهوريان،
توتان سنڌڙي![26]

**گيت:**

گيت جي لغوي معنيٰ آهي: ”راڳ، سرود، گانو، ڳاچُ، پڃن، ڳائڻ، لات، ڳيچ، ساراهه جو بيت.“[27] ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي گيت جي باري ۾ هن طرح تحرير ڪيو آهي ته: گيت هندي شاعريءَ جي مقبول عام صنف آهي، هي سنسڪرت جي لفظ ”گيه“ مان نڪتو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ”ڳائڻ“، گيت ۾ شاعر عورت جي زباني درد ۽ فراق جا پرسوز نغما ڳائيندو آهي ۽ محبوب کي مخاطب ٿي نهايت نهٺائيءَ سان پنهنجو حال اوريندو آهي.“[28]

سنڌي شاعريءَ ۾ ڪشنچند بيوس کي سنڌيءَ ۾ گيت جو باني‌ڪار شاعر سمجهيو وڃي ٿو، جڏهن ته هندستان ۾ سنڌي گيتن کي اوج تي پهچائيندڙ سنڌيءَ جو شاعر هري دلگير آهي. سنڌي گيت ۾ عورت جي مڙني جذبن جو جتي ذڪر ملي ٿو، اتي سنڌ ڌرتي جي مزورن، هارين ۽ ٻارن کي به ياد رکيو ويو آهي. سرنهن جي پيلي گل جي سونهن، موتئي جي مهڪار ۽ سرسن جي سُرهاڻ سمايل آهي، ته انڊلٺي رنگ ۽ ميگهه ملهار کي به ڳايو ويو آهي. ايازگل جي گيتن ۾ درد، فراق، وصال، رسڻ پرچڻ، کلڻ روئڻ ۽ بي قراري جهڙا موضوع اچي وڃن ٿا. هو عورت جي به پنهنجي گيتن ذريعي وڪالت ڪري ٿو:

دل ڪيئي بي وس مينهڙا!
وس وس منيهڙا!
وس.
تون ته سچو جڳ جهاڳي آئين،
ساجن جو ڏي ڏس مينهڙا!
وس وس
مينهڙا!وس.
پرينءَ بنان هي سانوڻ گذريو
ڪيڏو ڙي بي رس، مينهڙا،
وس وس مينهڙا !
وس.[29]

دنيا جون لذتون تڏهن وڻنديون آهن، جڏهن من و تن سُکيو ۽ خوش هوندو آهي، ساهه سُکيو نه هئڻ جي صورت ۾ هر مزيدار ڳالهه، ڪردار، طعام، خوبصورتي سڀ اڻ وڻندڙ هوندي آهي. سياڻن سچ چيو آهي ته ”جيءُ خوش ته جهانُ خوش.“ بلڪل ساڳيو ئي خيال ۽ احساس ايازگل جي هن گيت ۾ ملي ٿو، جنهن ۾ هن جا سڀ گيت جيڪي اصل ۾ خوشي جو اسباب هوندا آهن سي بي معنيٰ ٿي پيا آهن. پيار ۽ پريت، سنگت ۽ سنگيت، درد ۽ مُرڪ سڀ بي معنيٰ ۽ سڪٿا ٿو محسوس ڪري.

سڪٿا سڪٿا ساهه سنگيت،
ميت بنان هَن ڪهڙا گيت؟
جن جي خاطر گيت چياسي،

دردُ به پائي، مُرڪي پياسي،
هاڻي ڪاٽي اهڙا ميتَ!
ميتَ بنان هَن کهڙا گيت؟[30]

اياز گل جي شاعري ۾ جتي محبت جي ڳالهه آهي اتي مايوسي جو ذڪر ملي ٿو. شاعر ڪي هميشه پُرَ عزم، مزاحمت ڪندڙ، محبت ۽ امن جو سَفير هئڻ گهرجي، پر هن گيت ۾ هو مايوس ٿو لڳي. زماني کان تنگ ٿو نظر اچي. پنهنجي مَسڪن ۽ آکيري مان لڏڻ تي تيار نظر ٿو اچي، هو، هن ڳالهه جو اظهار هن طرح ڪري ٿو ته:

وستي هيءَ ڇڏينداسين،
موٽي مُور نه ايندداسين.
پاڻ رهاڪو درد-شهر جا،
ديپ اُجهاڻل پوئين پهر جا.
سُک ڇا، ڪنهن کي
ڏينداسين،
موٽي مُور نه ايندداسين.[31]

بيت:

بيت عربي ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”گهر“. بيت جي معنيٰ آهي.”شعر- ٻن ٽڪن وارو شعر، دوهو، ٻن کان وڌيڪ ٽُڪن وارو خاص قسم جو سنڌي شعر“[32] بيت سنڌي ٻولي جي ڪلاسيڪي شاعري جي هڪ قديم صنف آهي. جنهن جو آغاز سومرن جي دور کان به اڳ،”ڳاهه“ جي صورت ۾ ملي ٿو. جهڙي طرح گهر جي لاءِ زمين ٿنڀ، ڇت،ميخ، نوڙي، ڪٽو، ٽاٽ، ڪپڙو ۽ ڇتساليءَ جي ضرورت پوي ٿي،تهڙيءَ طرح شعر لاءِ به اهڙيون ڪجهه شيون بيت لاءِ ضروري سمجهيون وينديون آهن، انهن جي شعر لاءِ به ضرورت پوندي آهي. انهن ۾ شعر جي زمين آهي مضمون، شعر جي ڇت قافيو، اهڙي طرح نوڙي، ميخ ۽ ٿنڀ بيت جا ارڪان آهن. انهن سان ئي گهر مضبوط ٿئي ٿو. گهر جي دروازي جي ٻن تاڪن وانگر بيت جا ٻه تاڪ مصرع آهن. اهو ئي سبب آهي جو بيت سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي نج ۽

اهم صنف طور سڃاتي وڃي ٿي. هي صنف علم چند وديا جي مطابق دوهي ۽ سورٺي جي ميل مان سرجيل آهي. دوهي ۾ قافيو هر مصرع جي آخر ۾ اچي ٿو، ۽ جڏهن ته سورٺي ۾ قافيو هر مصرع جي وچ تي ايندو آهي. اهڙي طرح سورٺو ۽ دوهو جو ميل جي صورت ۾ به آهن. اهڙي طرح نئين ٽهي جي شاعر ايازگل جي شاعريءَ ۾ پڻ اهڙي قسم جي سٽاءَ جا بيت ملن ٿا. جيئن هي بيت دوهي ۽ سورٺي جو ميل آهي:

جيءَ اسان جا جَڪڙيل، جيئڻ
مَرڻ گڏُ،
سڄڻ منهنجو سڌُ، آءٌ پڙاڏو ان
جو.[33]

دوهو: حيرت ۽ افسوس مان ويئي، سو چيو
پئي پڳوانَ،
مون کي واهَه جو روليو آهي، دُنيا ۾
انسانَ ![34]

ترائيل:

هن جو اصل نالو " ٽرئليٽ" (Triolet) آهي ۽ فرانس جو هڪ مقبول نغمو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ سڀ کان پهرئين 1954ع ۾ هري دلگير ترائيل لکي، سنڌيءَ ۾ ترائيل جي صنف جو آغاز ڪيو. ان کان پوءِ جن شاعرن هن صنف تي تجربا ڪيا تن جا نالا هي آهن: هريڪانت، شيخ اياز، نارائڻ شيام، استاد بخاري، ايازگل ۽ ٻيا.

بناوت جي لحاظ کان هي اٺن سٽن تي مشتمل آهي. پهريائين ٽن مصرعن جو بند ٿئي ٿو، جنهن ۾ پهرين ۽ ٽين مصرع پاڻ ۾ هم قافيا ٿين ٿيون، ٻي مصرع جو قافيا جدا ٿئي ٿو. وچ تي به سٽون وري پاڻ ۾ هم قافيا جدا ٿين ٿيون، وري ٽن سٽن واري پهرين بند جي پهرين سٽ سان وري هم قافيا ٿين. پوين ٽن سٽن مان وري پهرين ۽ ٽين مصرع پاڻ ۾ به هم قافيا ٿين:

تنهنجي روئڻ تي رُوح روئي ٿو،
ڪِلُ، مون کي به آ، ڪِلاءِ پرين!
تنهنجي منهنجي اندر کي لوئي
ٿو،
تنهنجي روئڻ تي روح روئي ٿو.
سُورَ ۾ پورَ دل ۾ پوئي ٿو
ٿهڪ جي سُر ۾ سُر ملاءِ پرين!
تنهنجي روئڻ تي، روح روئي ٿو
ڪِلُ، مون کي به آ، ڪِلاءِ پرين![35]

هائيڪا:

هي صنف جاپان جي آزاد شاعري آهي، جنهن ۾ رديف ۽ قافيي جي ڪابه پابندي نه هوندي آهي. پر هو خيالات جي تجزيي ۾ معنوي وسعت کي هٿان نه ٿا ڇڏين. سنڌيءَ ۾ عام طرح ٽن مصرعن وارا هائيڪو لکيا وڃن ٿا. سنڌيءَ ۾ نارائڻ شيام سڀ کان پهرئين هائيڪو لکيا آهن. جن کي هن ”تصويرون“ جو عنوان ڏنو آهي. ان کان سواءِ شيخ اياز، استاد بخاري، ايازگل ۽ ٻين شاعرن پڻ هائيڪو لکيا آهن:

جوڀن ياد پيو،
ٻُڍيءَ کان سئي ۾
ڌاڳو ٽٽي پيو.
نلڪي تي ميڙا
واري تي وهنجن
پيا
ٻارَ ڏئي گيڙا.[36]

رينگا:

ظفر عباسي ڊاڪٽر تنوير عباسي جي حوالي سان تحرير ڪري ٿو ته: ”جپان جي ڊگهي نظم تنڪا/ٽانڪا (Tanka)، جنهن ۾ پنج بيت، پنج، ست ماترائن جو هڪ بند هوندو آهي. هلندي هلندي تلنڪا جو هڪ بند الڳ صنف ٿي پيو ۽ ان کي رينگا سڏيو

ويو. رينگا جو گھاڙيٽو ٽانڪا جي هڪ بند وارو (پنج، ست، پنج بيت، ست ماترائون) ٿي رهيو.“[37] اياز گل جو هڪ رينگا نموني طور هيٺ ڏجي ٿو.

ماٺهن ليکي راند،
مون لئه ڪَوتا جوڙڻ
آهي،
سِسي نيزي پاند،
جَنَّ کي تارا ٽوڙڻُ آهي،
وقت سَندو مُنهن موڙڻُ
آهي.[38]

**نظم:**

نظم جي لغوي معنيٰ آهي،”پوئڻ“ ۽ جڏهن ته لفظي معنيٰ آهي، هڪ ٻئي ساڻ ملڻ يا ملائڻ. شاعريءَ جي هن صنف ۾ لفظن، خيالن، سُر، لئي، ردم ۽ موسيقي هڪڙي قسم جي خوبصورت اٽت ڪئي ويندي آهي ته جيئن قارئين ۽ سامعين تي بهتر اثر ڇڏي.

نظم سنڌي شاعريءَ جي اهم صنف آهي جيڪا ويهين صديءَ ۾ مغربي ادب جي اثر جي پيدائش آهي. صحيح معنيٰ ۾ نظم اهو آهي، جنهن ۾ خيال جي ارتقا هجي، ابتدا، وچ ۽ عروج هجي، سنڌس هر هڪ جُز ڪل ۾ سمائجي وڃي ۽ ڪٿي به جهول محسوس نه ٿئي. نظم موضوع جو پابند ناهي. شروع شروع ۾ سيرت نگاري واقع نگاري ۽ منظرنگاري جا موضوع هئا ۽ اڳتي هلي انهن موضوعن ۾ نواڻ آئي، جنهن ۾ حب الوطني، امن ۽ محبت جا پيغام، وغيره شامل آهن.

ايازگل سنڌي ٻوليءَ ۾ نظم جو سٺو شاعر پڻ آهي. نثري نظم ۽ آزاد نظم لکيا اٿس. نموني طور سندس هڪ نظم پيش ڪجي ٿو جنهن ۾ سنڌ ڌرتي سان پيار خوبصورت لفظن ۾ بيان ٿو ڪري:

سنڌ اوچي آ،
سنڌ اوچي آ.
هن سورج، چنڊ ستارن کان،

هَر مَنظر کان، مَهڪارن ڪان،
درياهَن ڪان، وڻڪارن ڪان،
۽ سانوڻ مُند، بهارن ڪان،
سنڌ اوچي آ،
سنڌ اوچي آ.
هر ڪُرسي، قلم، ڪتابن ڪان،
سڀ مستين، ڪيف حجابن ڪان،
ها ڦلڙن، گلُ گُلابن ڪان،
۽ تُنهنجي مُنهنجي خوابن ڪان،
سنڌ اوچي آ،
سنڌ اوچي آ.[39]

مطلب ته ايازگل جي شاعريءَ جو هُڳاءُ ۽ خوشبو، هند ۽ سنڌ ۾ محسوس ڪيو وڃي ٿو. سادي طبيعت ۽ لباس جو مالڪ هڪ وڏو شاعر آهي. جنهن کي غرور ۽ تڪبر ته آهي ئي ڪو نه. هر ڪنهن سان مُرڪي مُرڪي ملندڙ شاعر آهي. سندس شاعري پڙهڻ سان محسوس ٿو ٿئي ته هو پنهنجي شاعري پڙهندڙن مٿان مَڙهي ڪونه ٿو، پر سندس آواز ۽ اظهار پڙهندڙن جو پنهنجو اظهار ۽ آواز بڻجي پوي ٿو. شيخ اياز هڪ هنڌ لکيو آهي ته: ”هن جو نالو منهنجي نالي سان ائين وابسته آهي، جڻُ منهنجي شاعريءَ جي ٽاريءَ مان ڪوئي گُل ڦٽو آهي.“[40] ايازگل جي شاعري پنهنجيءَ ڌرتي ۽ سونهن جي پيدائش آهي. هو اصل ۾ غزل جو شاعر آهي، پر سندس غزل ۾ هڪ عجيب خوشبوءِ آهي، ۽ جيڪا ڪٿندڙ نه آهي. سندس غزل ۽ ٻي شاعري فارسي وزن بحر جي روايتي ورجاءَ تي نه ٽي ٽڳي ۽ نه ئي پيوند ٿيل آهي ۽ هيءَ تخليق، نج ۽ ازخود پنهنجي ڌرتيءَ جي پيدا ڪيل آهي.

حوالا:

1. خليل، شيخ محمد ابراهيم ڊاڪٽر، "ادب ۽ تنقيد"، شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي، **2001**ع، ص **19**.
2. ملاح، مختيار احمد،"سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو"، ڪراچي، ڪانياواڙ اسٽورز اردو بازر، **2006**ع ، ص **592**.
3. گل، اياز،"تو بن ڪهڙا چانورا"، لاڙڪاڻو-حيدرآباد سنڌ، سڳنڌ پبليڪيشن **1992**ع ، ص **8**.
4. ساڳيو، ص، **23-22**.
5. گل،اياز"ميلي جي تنهائي"، خيرپور سنڌ، پوپٽ پبلشنگ هائوس، **2012**ع، ص **32**.
6. بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر" جامع سنڌي لغات (جلد چوٿون) ڇاپو ٻيو ،ڄام شورو سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، سال **2007**ع،ص **244** .
7. خليل، شيخ محمد ابراهيم، ڊاڪٽر،"سنڌي شاعري ۽ علم عروض"، شڪارپور، واڳٽودر، مهراڻ اڪيڊمي، سال **2001**ع، ص **268**.
8. عباسي، ظفر، "سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون"، حيدرآباد، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سال **2007**ع ، ص **43**.
9. گل، اياز،"ڏک جي نه پڄاڻي آ"، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن، **1997**ع ، ص **64**.
10. ساڳيو، ص **69**.
11. ساڳيو،ص **176**.
12. گل،اياز، "ميلي جي تنهائي"، خيرپور سنڌ، پوپٽ پبلشنگ هائوس، **2012**ع، ص **51**.
13. ساڳيو،ص **67**.
14. گل، اياز، "توبن ڪهڙا چانورا"، لاڙڪاڻو-حيدرآباد سنڌ، سڳنڌ پبليڪيشن، **1992**ع ،ص **45**.
15. ساڳيو، ص **46**.
16. ساڳيو، ص **50**.
17. ساڳيو،ص **44**.
18. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر"جامع سنڌي لغات (جلد پنجون) ڇاپو ٻيو، ڄام شورو سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ سال **2007**ع، ص **489** .
19. عباسي، ظفر، "سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون"، حيدرآباد، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سال **2007**ع،ص **348**.
20. پيرزادو، عبدالستار،" شاهه عبداللطيف جي وائي ۽ وائيءَ جي اوسر"، ڪراچي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، سال **2016**ع ، ص ، **58**.
21. گل،اياز، "ڏک جي نه پڄاڻي آ"،ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن، **1997**ع،ص

.296
22. ساڳيو، ص 299.
23. ساڳيو،ص34.
24. ساڳيو، ص 325.
25. گل، اياز، ”ڏک جي نه پڄاڻي آ“، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن، 1997ع،ص 309.
26. گل، اياز، ”ميلي جي تنهائي“،خيرپور سنڌ، پوپٽ پبلشنگ هائوس، 2012ع،ص 224
27. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر”جامع سنڌي لغات (جلد پنجون) ڇاپو ٻيو، ڄام شورو سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ سال 2007ع، ص 117.
28. سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد، ڊاڪٽر،”سنڌي ادب جو تاريخي جائزو“، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن، سال 2002ع ، ص 221.
29. گل،اياز، ”ڏک جي نه پڄاڻي آ“، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن، 1997ع،ص 466.
30. گل، اياز، ”تو بن ڪهڙا چانورا“، لاڙڪاڻو-حيدرآباد سنڌ، سُڳنڌ پبليڪيشن، 1992ع،ص 139.
31. گل،اياز، ”ڏک جي نه پڄاڻي آ“، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن، 1997ع،ص 409.
32. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر ”جامع سنڌي لغات (جلد پهريون) ڇاپو ٻيو ڄام شورو سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ سال 2007ع،ص 364 .
33. گل، اياز، ”ڏک جي نه پڄاڻي آ“، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن، 1997ع،ص 437.
34. ساڳيو ، ص 441.
35. ساڳيو، ص 421.
36. ساڳيو، ص 424.
37. عباسي، ظفر، ”سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون“، حيدرآباد، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سال 2007ع،ص 218.
38. گل،اياز، ”ڏک جي نه پڄاڻي آ“، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن، 1997ع،ص 432.
39. ساڳيو ، ص 333.
40. گل،اياز، ”توبن ڪهڙا چانورا“،لاڙڪاڻو-حيدرآباد سنڌ، سُڳنڌ پبليڪيشن، 1992ع،ص 17.